# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريہ 1976
# SINDH ACT NO XII OF 1976
# سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ 1976
# THE SINDH PEOPLES LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1976
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. 1 مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 2 جي تبديلي

Amendment of section 2 of Sindh Ordinance II of 1972

3. سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 4 جي تبديلي

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance II of 1972

4. سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ A_4 جو اضافو

Insertion of section 4_A in Sindh Ordinance II of 1972

5. سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 5 جي تبديلي

Amendment of section 5 of Sindh Ordinance II of 1972

6. سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعات 8 کان 11 جي تبديلي

Amendment of section 8 to 11 of Sindh Ordinance II of 1972

7. سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي دفعه 12 جي تبديلي

Amendment of section 12 of Sindh Ordinance II of 1972

8. سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي دفعه 14 جي تبديلي

Amendment of section 14 of Sindh Ordinance II of 1972

9. سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي دفعه 18 جي تبديلي

Amendment of section 18 of Sindh Ordinance II of 1972

10. سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي دفعه 100 جي تبديلي

Amendment of section 100 of Sindh Ordinance II of 1972

11. سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي شيڊول I ۽ IV کي ڪڍي ڇڏڻ

Omission of Schedule I and IV to Sindh Ordinance II of 1972

12. سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي شيڊول II ۾ تبديلي

Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance II of 1972

13. سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي شيڊول VII ۾ تبديلي

Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance VII of 1972

14. سنڌ آرڊيننس Vمجريه 1976 جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance V of 1976.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريہ 1976

# SINDH ACT NO XII OF 1976

# سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ 1976

# THE SINDH PEOPLES LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1976

**[31 جولائي 1976]**

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

تمهيد (Preamble)

هن ڳالهہ جي تقاضا آهي تہ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 کي هن ريت وڌيڪ بدلايو پيو وڃي،

جنهن کي هن ريت جوڙيو پيو وڃي.

جيئن تہ هن وقت سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس نہ پيو هلي ۽ سنڌ جو گورنر انهيءَ ڳالهہ تي مطمئن آهي تہ موجوده حالتن جي تقاضا آهي تہ ترت قدم کنيو وڃي.

مختصر عنوان اور شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1976 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 2 جي تبديلي

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 جي دفعہ ۾ هن طرح تبديلي آندي ويندي.

Amendment of section 2 of Sindh Ordinance II of 1972

(i) شق نمبر (8) کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل (8_A) شق جو اضافو ڪيو ويندو.

"(8_A) "شهر" جو مطلب آهي شهري ايراضي جنهن کي هن آرڊيننس مطابق شهر ظاهر ڪيو ويو هجي."

(ii) شق (12) کي هن ريت بدلايو ويندو:

"(12) 'ڪارپوريشن' جو مطلب آهي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪارپوريشن"،

(iii) شق (35) کي هن ريت تبديل متبادل بڻايو ويندو:

"(35) "ميئر جو مطلب آهي ڪارپوريشن جو ميئر"،

(iv) شق (36) کانپوءِ هي شق جو اضافو ڪيو ويندو:

"(36_A) "ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن" جو مطلب آهي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جيڪا هن آرڊيننس هيٺ بڻائي وئي هجي"،

(36_B) "ميونسپالٽي" جو مطلب آهي اها شهري ايراضي جنهن کي هن آرڊيننس مطابق ميونسپالٽي پڌرو ڪيو هجي"،

(V) شق (42) ۽ (43) کي هن ريت بدلايو ويندو:

"(42) "پيپلز لوڪل ڪائونسل" جو مطلب آهي ڪارپوريشن، پيپلز ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، پيپلز ٽائون ڪاميٽي يا پيپلز ميونسپل ڪاميٽي،

"(43) پيپلز ميونسپل ڪاميٽي جو مطلب آهي ميونسپالٽي جيڪا هن حڪم نامي مطابق جوڙي وئي آهي.

سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي دفعه 4 جي تبديلي

3. تبديلي هيٺ ايندڙ حڪم نامي جي دفعه 4 جي ذيلي دفعه (2) جي شق (b) ۾ هي تبديلي آندي ويندي ۽ سمجهي ويندي ته اها ان ۾ اڳ کان وڌي هئي.

"(b) اهي سموريون ڪائونسلون، ضلعي ڪائونسلون، ٽائون ڪاميٽيون، ميونسپل ڪاميٽيون ۽ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جيڪي هن حڪم نامي لاڳو ٿيڻ کان ٿورو اڳ قائم هيون، سمجهيو ويندو ته اهي پيپلز لوڪل ڪائونسلون آهن ۽ انهن جا عملدار يا منتظمين جيڪي انهن ۾ فرض سرانجام ڏين ٿا ۽ اهي اتي ڏيندا رهندا جيستائين نيون چونڊيل ڪائونسلون هن حڪم نامي تحت پنهنجو ڪم شروع نه ٿيون ڪن ايئن ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ عرصي دوران حڪومت ڪنهن عملدار يا منتظم کي بدلي ڪري سگهي ٿي ۽ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي عملدار يا منتظم مقرر ڪري سگهي ٿي ته جيئن اتان جو ڪم ڪار هلائي يا حڪومت ڪائونسل جي ڪم ڪار هلائڻ جو ٻيو بندوبست ڪري سگهي ٿي."

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance II of 1972

4. تبديليءَ هيٺ ايندڙ حڪم نامي جي دفعه 4 ۾ هي اضافو ڪيو ويندو:

سنڌ آرڊيننس II مجريه 1972 جي دفعه 4_A جو اضافو

Insertion of section 4_A in Sindh Ordinance II of 1972

"4_A. جيڪڏهن هن حڪم نامي جي متن جي منحرف نه آهي ته حڪومت نوٽيفڪيشن، حڪم ڏئي سگهي ٿي ته فلاڻي تاريخ کان جيڪا نوٽفڪيشن ۾ ڄاڻائبي، اهي ڪائونسلون هن ريت جوڙيون ونديون:

(i) موجوده ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي مقامي ايراضي لاءِ هڪ ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن،

(ii) موجوده حيدرآباد پيپلز ميونسپل ڪاميٽي جي مقامي ايراضي لاءِ ميونسپل ڪارپوريشن،

(iii) هر هڪ موجوده پيپلز ٽائون ڪاميٽي جي مقامي ايراضي لاءِ پيپلز ميونسپل ڪاميٽي."

5. تبديليءَ هيٺ ايندڙ حڪم نامي جي دفعه 5 ۾ هن کي متبادل

سنڌ آرڊيننس II مجريه

طور رکيو ويندو:

1972 جي دفعہ 5 جي تبديلي
Amendment of section 5 of Sindh Ordinance II of 1972

”5. ڪنهن بہ مقامي ايراضي لاءِ، هن حڪم نامي هيٺ قائم ڪيل پيپلز لوڪل ڪائونسل، جيستائين نوٽيفڪيشن ڪڍي، ان کي واضح نہ ٿو ڪيو وڃي تہ سمجهيو ويندو تہ مقامي ايراضي واري ڪائونسل جي اها وارث آهي“.

سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعات 8 کان 11 جي تبديلي
Amendment of section 8 to 11 of Sindh Ordinance II of 1972

6. تبديليءَ هيٺ ايندڙ حڪم نامي جي 8 کان 11 تائين وارا دفعات هيٺينءَ ريت بدلايا ويندا ۽ دفعہ 9 لاءِ سمجهيو ويندو تہ اهو شروع کان ئي ونئي بدلايو ويو هو:-

”8. (1) حد جي رهواسين کان اعتراض گهرائي، خواهشمند ماڻهن جا اعتراض ٻڌي، حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي انهيءَ ايريا کي شهري ايراضي پڌرو ڪري سگهي ٿي.

(2) اهي ايراضيون، جيڪي هن حڪم نامي جي نافذ ٿيڻ وقت ٽائون ڪاميٽي، ميونسپل ڪاميٽي، ميونسپل ڪارپوريشن، ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي ٽائون شپ، ڪئنٽونمينٽ بورڊ ۽ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي حدن ۾ هيون، سي سمجهيو ويندو تہ اهي شهري ايراضي آهن.

9(1). ڪئنٽونمينٽ بورڊ جي ايراضي کانسواءِ حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي باقي شهري ايراضي کي هن ريت پڌرو ڪري سگهي ٿي:

(a) ڳوٺ (Town)،

(b) ميونسپالٽي

(c) شهر (City)،

(2) ذيلي دفعہ (1) لاڳو ٿيل هن آرڊيننس جي توسط سان ناهيل ٽائون ڪاميٽي، ميونسپل ڪاميٽي ۽ ميونسپل

ڪارپوريشن جي ايراضي جيڪا هن حڪم نامي لاڳو ٿيڻ وقت هئي، ان کي ترتيب وار ڳوٺ، ميونسپالٽي ۽ شهر ڄاتو ويندو.

(3) حڪومت ڪنهن ڳوٺ، ميونسپالٽي يا شهر جي رهواسين کان اعتراض گهرائي ۽ خواهشمندن جا اعتراض ٻڌي، نوٽيفڪيشن ڪڍي ڳوٺ کي ميونسپالٽي ۽ ميونسپالٽي کي شهر يا ان جي برعڪس حيثيت ڏئي سگهي ٿي.

10. حڪومت ڪنهن ڳوٺ، ميونسپالٽي يا شهر جي رهواسين کان اعتراض گهرائي ۽ خواهشمندن جا اعتراض ٻڌي، نوٽيفڪيشن ڪڍي، ان ڳوٺ، ميونسپالٽي يا شهر جون حدون وڌائي، گهٽائي يا مٽائي سگهي ٿي، يا ڪنهن ڳوٺ، ميونسپالٽي يا شهر کي ڪنهن خاص تاريخ کان ڳوٺ، ميونسپالٽي يا شهر نہ هجڻ پڌرو ڪري سگهي ٿي.

11. (1) جيترو جلد ٿي سگهي تہ هي ڪائونسلون شهري ايراضي ۾ قائم ڪيون وينديون:

(a) ٽائون ڪاميٽي هر هڪ ڳوٺ لاءِ

(b) ميونسپل ڪاميٽي هر هڪ ميونسپالٽي لاءِ

(c) ڪارپوريشن هر هڪ شهر لاءِ

(2) ذيلي دفعہ (1) هيٺ قائم ٿيل ڪنهن بہ ڪائونسل جي ميمبرن جو تعداد اهو هوندو جيڪو حڪومت پنهنجي مرضي يا فارمولا مطابق مقرر ڪندي.

(3) ذيلي دفعہ (1) هيٺ قائم ٿيل ڪا بہ ڪائونسل جيستائين حڪومت يا ان طرفان اختيار ڏنل عملدار سرڪاري طور پڌرو نہ ٿو ڪري تہ اها ڪائونسل انهيءَ هنڌ جي نالي سان ڄاتي ويندي، جيڪي ڪائونسل جي آفيس موجود آهي.

7. تبديليءَ هيٺ ايندڙ حڪم نامي جي دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ ”ڪارپوريشن ۽ ڇهہ پيپلز ميونسپالٽيون گڏيل ويهڪ ۾“ کي ڪارپوريشن پنهنجي پهرين گڏجاڻيءَ ۾ لفظن سان بدلايو ويندو.

سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 12 جي تبديلي
Amendment of section 12 of Sindh Ordinance II of 1972

8. تبديليءَ هيٺ ايندڙ حڪم نامي جي دفعہ 14 ۾ هن ريت تبديلي آندي ويندي:-

”14 . ڪا بہ ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪاميٽي، قاعدن ۽ حڪومت جي ڏنل هدايتن مطابق پنهنجي حدن ۾ فنڊ جو استعمال ڪري سگهي ٿي يا ان ڪم لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿي جنهن جو ذڪر شيڊول ۾ ڏنو ويو آهي.“

پر ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن اهي ڪم نہ ٿي ڪرائي سگهي جيڪي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ کي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 مطابق ڪرڻا آهن. يا اٿارٽي ختم نہ ٿي ڪئي وڃي.“

سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 14 جي تبديلي
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance II of 1972

Dissolution of Such Authority.”

اٿارٽي کي تحليل ڪرڻ.

9. هن آرڊيننس جي تحليل ٿيڻ سان دفعہ 18 جي هيٺين طريقي سان تبديلي ڪئي ويندي.

”18_A هن آرڊيننس جي تحت حڪومتي فارمولا کي نظر ۾ رکندي قائم ڪيو ويندو پيپلز ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جنهن ميمبرن تي ٻڌل هوندي انهن جو تعداد 20 کان گهٽ نہ هوندو.

سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 18 جي تبديلي
Amendment of section 18 of Sindh Ordinance II of 1972

| | |
|---|---|
| 10. هن آرڊيننس جي توسط سان شق 100جي ذيلي دفعہ (1) جي مطابق هيٺ ڄاڻايل تبديلي ڪئي ويندي. هن آرڊيننس جي ذريعي ڏوهہ جي سزا ۾ ڏنڊ لاڳو ٿيندو جيڪو هڪ هزار تائين ٿي سگهي ٿو. | سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 100 جي تبديلي<br>Amendment of section 100 of Sindh Ordinance II of 1972 |
| 11. تبديلي تحت ايندڙ شيڊول I ۽ شيڊولIV ڪي شمار نہ ڪيو ويندو. | سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي شيڊول I ۽ IV کي ڪڍي ڇڏڻ<br>Omission of Schedule I and IV to Sindh Ordinance II of 1972 |
| 12. هن آرڊيننس جي شيڊول II ۾<br>(i) ۾ شيڊول II جي دفعہ (14) ۾ لفظ، فگر بريڪيٽس ختم ڪيو ويندو.<br>(ii) "پارٽ II ۾ لفظ ۽ فگر پارٽ ٿو ۽ هيڊنگ کي هيٺ ڄاڻايل طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.<br>شيڊول<br>(ڏسو دفعہ 14) | سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي شيڊول II ۾ تبديلي<br>Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance II of 1972 |
| 13. ميونسپل ڪاميٽي ۽ ڪارپوريشن جي ذريعي هن آرڊيننس جي توسط سان، شيڊول VI ۾ پارٽ I ۽ پارٽ II ۾ استعمال ٿيڻ واري ڪاما تبديل ڪئي ويندي.<br>"ٽيڪسز ريٽس، ٽلز ۽ فيس کي ڪارپوريشن، پيپلز ميونسپل ڪميٽيز ۽ پيپلز ٽائون ڪميٽي" تي لاڳو ڪيو ويندو.<br>(b) هن کي شامل ڪرڻ لاءِ 4، 5، 19، 22 جا لفظ "پيپلز | سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي شيڊول VII ۾ تبديلي<br>Amendment of Schedule II to Sindh Ordinance VII of 1972 |

ميونسپلٽي“۾ لفظ ۾ ڪاما ” ڪارپوريشن پيپلز ميونسپلٽي يا پيپلز ٽائون ڪميٽي جي لفظن سان تبديل ڪيو ويندو.“

14. سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس 1976 کي منسوخ ڪيو پيو وڃي.

سنڌ آرڊيننس Vمجريہ 1976 جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance V of 1976.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**